# 2

# شاهہ جا بيت

شاهہ عبدل لطيف (عيسوي 1689 - عيسوي 1752) سنڌيءَ جو عظيم شاعر ۽ دنيا جي چوٽ شاعرن شيڪسپيئر، هومر،ملٽن ۽ ڪاليداس جو مٽ مڃيو وڃي ٿو. هوُ سنڌ ۽ هند ۾ 'ڀِٽائي' ۽ 'ڀِٽائي گهوٽ' جي نالي سان مشهوُر آهي. شاهہ جي ڪلام جو سمورو خزانو 'شاهہ جو رسالو' ۾ ڏنل آهي.
شاهہ سائين هن بيت ۾ مارئيءَ جي پرينءَ ۽ وطن جي حُب جو ذڪر ڪيو آهي.

پڙهو، ڳايو ۽ سمجهو.



اَکر پڙهہ اَلف جو، وَرَق سڀ وسار،
اندرَ تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.
پريان سَندي پارَ جي، مِڙيئِي مِنائي،
ڪانهي ڪَڙائِي، چِکين جي چيت ڪري.
هوُ چَوَنئي، تون مَ چَوُ واتان وَرائي،
اڱ اَڱرائي جو ڪري، خطا سوڪائي.
پاند ۾ پائي، ويو ڪينِي وارو ڪين ڪي.
واجهائي وطن ڪي، ساري ڏيان ساهہ،
بت منهنجو بند ۾ قيد مَ ڪريجاهہ،
پرڏيهاڻي پرينءَ ري ڏار مَ ڏَريجاهہ.
تڏي وسائڃ تر جي، مِٺي مٽيءَ مٿاهہ،
جي پويون ٿئي پَساهہ، تہ نِجاهہ مَڙُهہ ملير ڏي.



## نوان لفظ

| | | |
|---|---|---|
| اَلف - ايشور | ورق - صُفحو | سندي - جِي |
| پارَ - طرف | ڪَڙائي - ڪوڙاڻ | چيت - ڌيان |
| مَ - نہ | خطا - سزا | واجهائي - ياد ڪري |
| بُت - شريرُ | پَساهُہ - ساهُہ | نِجاهہ - موڪلج |
| مڙهہ - لاشُ | | |

# اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو.**

(الف) ايشور کي ياد ڪرڻ لاءِ شاعر ڇا چيو آهي؟

(ب) پرين ٔ بابت ڇا چيل آهي؟

(پ) خطا نہ ڪاٽڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

(الف) 'اَندرُ تون اُجار' مطلب سمجهايو.

(ب) وطن بابت شاهہ صاحب ڇا چيو آهي؟

(پ) ملير جي مٽيءَ لاءِ مارئيءَ ڇا چيو آهي؟

**سوال.٣. هيٺ ڏنل سِٽون پوريون ڪريو.**

(ٿ) اکر پڙهہ ........................... ڪيترا.

(ٽ) اَڄ اَڱرائي ....................... ڪيِنَ ڪي.

(ٿ) ٽڏي وسائڄ ................ ملير ڏي.

# پورڪ اَڀياس

(ا) شعر - بند تي عملي ڪاريہ.

اکر پڙهہ الف جو .................. وارو ڪين ڪي.

ا) هيٺين جا هم - آوازي لفظ چونڊي لکو.

(الف) هار، مار

(ب) ڪيو، ڇيو

(٢) هڪ لفظ ۾ جواب لکو.

(الف) 'نہ' لاءِ لفظ -

(ب) 'الف' لفظ جي معنيٰ

(ڪ) 'حرف' معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ

(د) 'شريرُ' لاءِ ڪم آيل لفظ

(٣) ساڳئي اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ ڳولهيو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| مثال : | اکر | اَلف | اَندر |
| (الف) | ورق | | |
| (ب) | پنا | | |
| (ڪ) | ڪيترا | | |
| (د) | م | | |

(۴) 'هوُ ڇونئي تون مَ ڇوءِ' اِها چوٽي سمجهايو.

(۵) 'عمر مارئي' جي آکاڻي اِنٽرنيٽ ذريعي پڙهو ۽ ڪلاس ۾ اَچي پنهنجي لفظن ۾ ٻُڌايو.